SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXIV مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO.LXIV OF 1984
# سنڌ ٻج ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH SEED CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ II مجريه 1976 جي دفعه 7 ۾ ترميم.

Amendment of section 7 of Sindh Act II OF 1976

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXIV مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO. LXIV OF 1984
# سنڌ ٻج ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH SEED CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[18ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ٻج ڪارپوريشن ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪئي ويندي،

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ ٻج ڪارپوريشن ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، ان ڪري سنڌ ٻج ڪارپوريشن ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ٻج ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ II مجريہ 1976 جي دفعہ 7 ۾ ترميم.
Amendment of

2. سنڌ ٻج ڪارپوريشن ايڪٽ، 1976 جي دفعہ 7، جي ذيلي دفعہ (3) جي آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن لکيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو.

section 7 of Sindh Act II OF 1976

”مينجنگ ڊائريڪٽر کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ان کي هٽائڻ جو ڪو به آرڊر پاس نه ڪيو ويندو.“

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**